SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 1984

سنڌ ٽائون پلاننگ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH TOWN PLANNING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 3 ۾ شرطيه بيان جو اضافو

Insertion of proviso to section 3 of Sindh Act I of 1915

3. 1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 21 جي ترميم

Amendment of section 21 of Sindh Act I of 1915

سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 1984

سنڌ ٽائون پلاننگ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH TOWN PLANNING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[27 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ٽائون پلاننگ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ ٽائون پلاننگ ايڪٽ، 1915 ۾ (جنهن کي هن ڪانپوءِ ۾ ڇاڙايل ايڪٽ سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 3 جي شرطيہ بيان ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعہ 3 ۾ شرطيہ بيان جو اضافو

Insertion of proviso to section 3 of Sindh Act I of 1915

"بشرطيڪ وڌيڪ اهو تہ هر اسڪيم مسجد لاءِ پلاٽ جي گنجائش ڪيندي ۽ ان جي نشاندهي ڪندي."

3. ڇاڙايل ايڪٽ ۾، موجود دفعہ 21 کي ذيلي دفعہ (1) جو نمبر ڏنو ويندو ۽ ان جي شرطيہ بيان کانپوءِ هيٺيان ذيلي دفعات شامل ڪيا ويندا:

1915 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعہ 21 جي ترميم

Amendment of section 21 of Sindh Act I of 1915

"(2) ملڪيت جي مارڪيٽ اگھہ جي ڪان علاوہ جيئن مٿي ڇاڙايو ويو آهي، مالڪ کي اهڙي مارڪيٽ اگھہ جي پندرنهن سيڪڙو برابر رقم لازمي طلبي واري صورت ۾ ادا ڪئي ويندي.

(3) مالڪ کي پندرنهن سيڪڙو ساليانو واڌو معاوضو پڻ هن دفعہ تحت ذيلي دفعہ (1) هيٺ ٻڌايل تاريخ کان معاوضي جي ادائگي واري تاريخ تائين ڏنو ويندو."

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.